# خواجہ غریب نواز رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ

**29-February-2020**



(For Islamic Brothers)

اجتماع يومِ غريب نواز ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ديني شاگردن تي خرچ ڪرڻ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- خواجہ غريب نواز جي مختصر سيرت ۽ ڪردار
- خواجہ غريب نواز جي پنهنجي پير و مرشد جي خدمت
- اڪابرن جو پنهنجي پير و مرشد جي خدمت جو انداز
- ڪامل مرشد ڪير؟ ۽ ڪامل مريد ڪير؟
- پير و مرشد جون شرطون ۽ اهميت
- عورتن جو پير جي هٿ تي هٿ رکي بيعت ٿيڻ جو شرعي حڪم

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# خواجہ غريب نواز

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## درود پاڪ جي فضيلت

پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اي انسانو! بيشڪ بروزِ قيامت ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا. (اَلْفِردَوس بمأثور الْخِطاب، ٢٧٧/٥ حديث:٨١٧٥)

سُرُور رہتا ہے کیف دَوام رہتا ہے لبوں پہ میرے دُرُود و سلام رہتاہے

بَری ہیں نارِ جہنّم سے وہ خُدا کی قسم ! کہ جن کو ذِکرِ محمد سے کام رہتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي اها صفت هوندي آهي تہ اهي اصلاحِ اُمّت ۽ اِشاعتِ اسلام جي لاءِ پنهنجون زندگيون وقف ڪندا آهن ۽ اللّٰه پاڪ، مخلوق جي دلين ۾ انهن جي محبت پيدا ڪندو آهي جيڪا انهن کي هميشہ عقيدت و محبت سان ياد ڪندي رهندي آهي، انهيءَ نيڪ صفت، سٺي ڪردار ۽ عمده وصف وارن شخصن مان هڪ تمام وڏو نالو **سلطانُ الهند، عطاءِ رسول، گلشنِ فاطمہ جي مهڪندڙ گل، خواجہ غريب نواز حضرت سيد معينُ الدّين حسن سنجري چشتي اجميري** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بہ آهي، پاڻ هڪ اعليٰ درجي جي عظيم روحاني شخصيت هئا. سندن شهرت ۽ مقبوليت پاڪ و هند جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ئي نہ بلڪ دنيا جي ڪيئي ملڪن ۾ بہ سچ جي

ڪرڻن جيان پکڙيل آهي، عرب و عجم ۾ سندن جي ولايت ۽ فيض عام آهي، حاجت روائي ۽ ڪشف و ڪرامات جو چرچو آهي، خوش نصيب مسلمان هر سال 6 رجب المرجب جو **چڻي شريف** جي نالي سان سندن جو عُرس ملهائيندا ۽ ايصالِ ثواب ڪندا آهن. اڄ اسان سندن مختصر سيرت و ڪردار بابت بہ پڙهنداسين ۽ ان سان گڏوگڏ پير و مرشد جي خدمت، ڪامل مرشد ۽ ڪامل مريد، پيرو مرشد ڇو ضروري آهن؟ ان جا دنياوي ۽ اُخروي فائدا ڪهڙا آهن؟ الله جي ولي جي سڃاڻپ، عورت جو پير صاحب جي هٿ تي هٿ رکي بيعت ڪرڻ جو شرعي حڪم، ان کان علاوه بيا بہ ڪوڙ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. ڪاش! سڄو بيان چڱين چڱين نيتن سان مڪمل توجه سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قاتل کي معاف ڪري ڇڏيائون

**حضرت خواجہ غريب نواز** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڏي صبر وارا هئڻ سان گڏوگڏ عفو درگذر سان ڪم وٺڻ وارا بزرگ هئا، ڪو بُرو سلوڪ ڪندو هو تڏهن بہ پاڻ ڪاوڙ ۾ نہ ايندا هئا ۽ ڳالهائڻ واري سان اهڙو بهترين ورتاءُ ڪندا هئا جو ائين لڳندو هو جيئن ان جون ڳالهيون ٻڌيون ئي نہ هيون. هڪ ڀيري پاڻ جڏهن لاهور کان اجمير شريف ويندي دهلي ۾ ترسيا تہ هڪ غير مسلم شخص پاڻ کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان آيو. ڪشف جي ذريعي خبر پئجي وئي تہ ان جو ڇا ارادو آهي. خبر پوڻ جي باوجود بہ پاڻ ان سان گهڻي شفقت ۽ مهرباني سان مليا ۽ وڏي محبت سان ان کي پرسان ويهاري فرمايائون: جنهن ارادي سان آيا آهيو ان کي پورو ڪريو. اهو جُملو ٻڌي اهو شخص حيران ٿي ويو. انهيءَ وقت سندن قدمن تي ڪري پيو ۽ معافي جو طالب ٿيو. حضرت خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان کي معاف ڪري ڇڏيو. اهو شخص سندن **پياري انداز سان ايترو متاثر ٿيو جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.**

سَيِدُنا خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جي لاءِ دعاءِ خير بہ ڪئي. جنهن جو اهو

اثر ٿيو جو ان شخص پنجيتاليھ (45) ڀيرا حج جي سعادت ماڻي ۽ آخر ۾ خانهٔ ڪعبہ جي خادمن ۾ شامل ٿي ويو. (حضرت خواجه غريب نواز حيات وتعليمات، ص۴۰ملخصاً)

جھولیاں بھرتے ہو منگتوں کی مجھے بھی ہو عطا      حصّہ جُود و سخا خواجہ پیا خواجہ پیا
تیری اُلفت میں جیوں تیری مَحبّت میں مَروں      ہو کرم ایسا شہا!خواجہ پیا خواجہ پیا
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص537)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!      صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقان خواجه غريب نواز! غور ڪريو! چشتين جا عظيم پيشوا ڪيتري عظيم **حُسنِ اَخلاق** جا مالڪ هئا. قتل جو ارادو رکڻ واري سان بہ انتهائي شفقت ڀريو ورتاءُ ڪيائون. اسان ڪي بہ پنهنجو پاڻ تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ سوچڻ گهرجي تہ اسان ڀين جي بدسُلوڪيءَ تي انهن سان ڪهڙو معاملو ڪندا آهيون؟ افسوس! اڄ ڀين جي غلطين کي **درگذر ڪرڻ** جو سلسلو ختم ٿيندو پيو وڃي. بلڪ ڪجھ نادان انسان ڀين جي بي جا غلطين کي نوٽ ڪندا آهن ۽ پوءِ موقعو ڳولهي انهن جي غلطين جي ماڻهن اڳيان پرچار ڪندا رهندا آهن. جڏهن بہ موقعو ملندو آهي طنز جا تِير هٽي ڪيئي ڪيئي سال پُراڻي غلطين تي شرمندو ڪرڻ جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ ناهن ڏيندا. اهڙي موقعي تي شيطان لعين بہ هن ڳالھ تي اُڪسائيندو هوندو تہ فُلاڻي کي ذليل و رُسوا ڪرڻ تمام سٺو موقعو آهي، جيترو جلدي ٿي سگهي ان جي غلطي کي عام ڪيو تہ جيئن ماڻهو ان کان متنفر ٿين.

**اي عاشقانِ رسول!** اسان کي غور ڪرڻ گهرجي تہ غلطي ڪرڻ وارو ملائڪ ناهي، انسان آهي، اسان بہ سڄي ڏينهن ۾ خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون غلطيون ڪندا هونداسين، خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گناھ ٿيندا هوندا، ڇا اسان هن ڳالھ کي پسند ڪيون ٿا تہ اسان جي ڪنهن غلطي کي، اسان جي ڪنهن **عيب** کي، اسان جي ڪنهن بُرائي يا گناھ کي عام ڪيو وڃي، جڏهن اسان پنهنجي باري

۾ هن ڳالھ کي پسند نٿا ڪيون تہ ٻين مسلمانن جي باري ۾ بہ اهو ئي ذهن هئڻ گهرجي. اسان کي هر مسلمان جي **عزت جو تحفظ ڪرڻ** گهرجي، بِلاعذرِ شرعي ڪنهن جي ڪمزوري يا غلطي جو چرچو ڪرڻ ڪو ثواب جو ڪم ناهي بلڪ ان سان **آخرت خراب ٿئي سگهي ٿي.** اهو **فرمانِ مصطفيٰ** اسان کي هر وقت پيشِ نظر رکڻ گهرجي تہ آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايا: جنهن پنهنجي ڀاءُ کي اهڙي گناه تي عار ڏياري جنهن کان اهو توبہ ڪري چڪو آهي، تہ مرڻ کان پهريان هو پاڻ ان گناه ۾ مبتَلا ٿي ويندو. (ترمذي ،ڪتاب صفة القيامة، باب ١١٨، ۴/ ٢٢۶ ،حديث: ٢٥١٣)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**ٻين جي گناهن** ۽ غلطين تي انهن کي شرمندو ڪرڻ وارن جي لاءِ هن حديثِ پاڪ ۾ عبرت ئي عبرت آهي. هڪ ڳالھ اها بہ ياد رکو تہ گناهن ۽ غلطين جو ٻين تي اظهار ڪرڻ نيڪ ناهي، پر جيڪڏهن ڪو هن ۾ مبتلا ٿي وڃي تہ ان سان تعلق ختم ڪرڻ، ڳالھ ٻولھ بند ڪرڻ اهو بہ مناسب ناهي. بلڪ اهڙي موقعي تي **درگذر** ڪرڻ بهترين طريقو آهي. اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي ترغيب ڏياريندي فرمائن ٿا: جنهن کي هي پسند هجي تہ ان جي لاءِ (جنت ۾) محل ٺاهيو وڃي ۽ ان جا درجات بلند ڪيا وڃن، ان کي گهرجي تہ جيڪو ان تي ظلم ڪري هي ان کي معاف ڪري ۽ جيڪو ان کي محروم ڪري هي ان کي عطا ڪري، ۽ جيڪو ان سان قطع تعلق ڪري هي ان سان تعلق جوڙي. (مستدرک، ڪتاب التفسير، شرح آية: ڪنتم خير امّة۔۔۔ الخ، ١٢/٣، حديث: ٣٢١٥)

اللّٰہ پاڪ اسان کي ٻين جي عزّتن جي حفاظت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين.

## خواجہ غريب نواز جو مختصر تعارف

اچو! خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف ٻڌون ٿا: خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اسم گرامي ”حَسَن“ آهي. خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهنَجِيبُ الطَّرَفَين (يعني ماءُ پيءُ جي طرفان) حَسَني ۽ حُسيني سَيد آهن. خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مشهور ۽ معروف لقب مُعِينُ الدِّين، خواجہ غريب نواز، سُلطانُ الهِند ۽ عطاءِ رسول آهن. خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 537ھ ۾ سِجِستان يا سيستان (موجوده ايران) جي علائقي ”سَنْجَر“ ۾ پيدا ٿيا. (معين الهند حضرت خواجه معين الدين اجميري ،ص١٨ملخصاً۔اقتباس الانوار،ص٣۴٥) خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلم حاصل ڪرڻ جي لاءِ شام، بغداد ۽ ڪرمان سميت ڪيئي ملڪن ۽ شهرن جا سفر ڪيا. خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيئي بُزرگانِ دين وٽان فيض حاصل ڪيو. جن ۾ سندن پير و مُرشِد حضرت خواجہ عثمان هروَني ۽ پيرانِ پير حُضُورغوثِ پاڪ حضرت شيخ سيد عبدالقادِر جيلانيرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما بہ شامل آهن. خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي زيارتِ حَرَمَين جي دوران بارگاهِ رِسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ مان هند جي وِلايت عطا ٿي. (سير الاقطاب، ص142،ملخصاً)

اپنے قدموں میں بُلا خواجہ پیا خواجہ پیا اور جلوہ بھی دِکھا خواجہ پیا خواجہ پیا
آہ کتنی دیر سے میں دُور ہوں اجمیر سے جانے میں کب آؤں گا خواجہ پیا خواجہ پیا

## پيرو مرشد جي تلاش ۽ خدمت

خواجہ غريب نوازرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 15 سال جي عمر ۾ حصولِ علم جي لاءِ سفر اختيار ڪيائون ۽ سمرقند ۾ باقاعده علمِ دين جو آغاز ڪيائون. پهريان قرآنِ پاڪ حفظ ڪيو ۽ پيا عُلوم حاصل ڪيا. پر جيئن جيئن علمِ دين سکندا ويا علم جو ذوق ويتر وڌندو ويو، مجموعي طور تي تقريباً پنج سال سمرقند ۽ بُخارا ۾ حُصولِ علم جي لاءِ قيام فرمايائون. (فيضانِ خواجه غريب نواز،ص٦ ملتقطا) اِن عرصي ۾ ظاهري علم تہ مڪمل حاصل ڪري چُڪا هئا پر جنهن سِڪ وچان گهر وارن کي خيرآباد چيو هو اُن جي تسڪين اجان باقي هئي، انهيءَ ڪري اهڙي ماهر

طبيب جي ڳولھا ۾ نڪري پيا جيڪو دل جي درد جي دوا ڪري سگھي، ھاڻي ڪامل مرشد جي ڳولھا ۾ بُخارا کان حجاز ڏانھن سفر ڪرڻ جي تياري ڪئي. رستي ۾ جڏھن نيشاپور جي آس پاس واري علاقي ”ھاروَن“ وٽان لنگھيا تہ وقت جي قُطُب، مردِ قلندر حَضرَتِ سَيّدنَا عثمان ھاروَني چِشتِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شُھرت ٻُڌي تہ فورًا خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ اُنھن جي ھٿن تي بيعت ڪري چشتي سلسلي ۾ داخل ٿي ويا. (مرآۃ الاسرار، ص۵۹۴ ملخصاً) پاڻ تقريبًا 20 سال تائين مُرشدِ ڪامل جي خدمت ۾ حاضر رھيا ۽ مَعرِفَت جون منزلون طئي ڪندي باطني عُلوم سان فيض ياب ٿيندا رھيا ۽ خدمت جو عالَم اھو ھو جو پاڻ جا پيرو مرشد حضرت خواجہ عثمان ھاروَني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جتي بہ تشريف وٺي ويندا ھئا پاڻ مرشد جو سامان پنھنجي ڪلھي تي کڻي گڏ ويندا ھئا ۽ ڪيئي ڀيرا مُرشد سان گڏ حج جي سعادت پڻ ماڻي. (اللّٰہ کے خاص بندے عبدہ، ص ۵۰۹ ملخصاً) خواجہ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ ارشاد فرمائن ٿا: تہ مان ۽ منھنجا پيرو مُرشد خواجہ عثمان ھاروَني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ھميشہ سفر ۾ رھندا ھئاسين، ھڪ شھر ۾ تمام گھٽ قيام ڪندا ھئاسين، سندن جي باري ۾ ايستائين لکيو ويو آھي تہ پاڻ پنھنجي مرشد جي خدمت ۾ 20 سال 6 مھينا ھن طرح گذاريا جو ڏينھن رات مجاھدو ۽ محنت ۾ گذرندا ھئا ۽ پنھنجي پيرو مرشد جي وضو وارو ڪوئنرو ۽ بستر پنھنجي مٿي تي رکندا ھئا. (مناقب الحبيب مترجم، ص ۶۵ملخصا) وڌيڪ فرمائن ٿا: جڏھن منھنجي پيرو مُرشد خواجہ عثمان ھاروَني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منھنجي خدمت ۽ عقيدت ڏٺي تہ اھڙي ڪمالِ نعمت عطا فرمائي جنھن جي ڪا انتھا ناھي.

میں ہوں سائل میں ہوں منگتا یاخواجہ مِری جھولی بھر دو!
ہاتھ بڑھا کر ڈال دو ٹکڑا یاخواجہ مِری جھولی بھر دو!
جو بھی سائل آجاتا ہے مَن کی مُرادیں پا جاتا ہے
میں نے بھی دامن ہے پَسارا یا خواجہ مِری جھولی بھر دو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ خواجہ غريب نواز!** اوهان ٻڌو تہ پيرو مرشد جي خدمت هڪ مُريد کي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائيندي آهي، پير و مرشد جي خدمت هڪ مريد جي لاءِ سعادت ۽ دنيا و آخرت ۾ سُرخروئي جو سبب آهي ۽ يقيناً جهڙي طرح هر مُحب جي چاهت هوندي آهي تہ محبوب جي نگاهن ۾ سمائجي وڃان ۽ شاگرد جي اها آرزو هوندي آهي تہ اُستاد جي اکين جو تارو بڻجي وڃان، اهڙي طرح هڪ مُريد جي اها دِلي خواهش هوندي آهي تہ مان پنهنجي پير و مُرشد جو منظورِ نظر بڻجي وڃان، پر اهڙا قسمت وارا گهٽ هوندا جن جي اها تمنا پوري ٿي وڃي. لهٰذا پنهنجي پيرو مرشد جي خدمت ۽ ان جي ادب و تعظيم کي پنهنجو پاڻ تي هر وقت لازم رکڻ گهرجي، اوهان ڏسو تہ حضرت خواجہ غريب نواز مُعينُ الدين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پير ومرشد جي خدمت ڪري ڪهڙو مقام حاصل ڪيو آهي جو هڪ موقعي تي پاڻ مُرشدِ ڪريم خواجہ عثمان هارَوَني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: **اسان جو مُعينُ الدين، الله پاڪ جو محبوب آهي، اسان کي پنهنجي مُريد تي فخر آهي.** (فيضانِ خوجه غريبِ نواز ،ص۹) اڃو مرشد جي خدمت جو انعام خواجہ غريبِ نواز جي زباني ٻڌون ٿا:

## خدمتِ مرشِدِ جوانعام

خواجہ غريب نوازرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ بُزرگ سو سال تائين خدا جي عبادت ڪندو رهيو، ڏينهن جو روز رکندو هو ۽ رات جو قيام ڪندو هو ۽ هر ايندڙ ويندڙ کي عبادتِ الاهي جي تلقين ڪندو هو، سندس انتقال کان پوءِ ماڻهن ڪيس جنّت ۾ ڏسي ڪري سندس حال پڇيو تہ جواب ڏنائين تہ منهنجي رات ڏينهن جي عبادت جنّت ۾ داخل ٿيڻ جو باعث ناهي ٿي. بلڪ الله ڪريم مون کي پنهنجي پير و مرشد جي خدمت جي سبب کان بخشيو آهي. پاڻ وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا تہ قيامت جي ڏينهن اولياء صديقين ۽ مشائخ طريقت کي قبرن مان اٿاريو ويندو تہ انهن جي ڪلهن تي چادورن پيل هونديون ۽ هر چادر سان هزارين ڌاڳا لڙڪيل هوندا. انهن بزرگن جا مريدين ۽ عقيدت مند ان ڌاڳن کي پڪڙي ڪري لڙڪي پوندا ۽ انهن بزرگن سان گڏ پلصراط عبور ڪري جنّت ۾ داخل ٿي ويندا.

(آدابِ مرشدِ ڪامل،ص ۱۰۲ )

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اوهان ٻڌو تہ خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ **مُرشِد جي خدمت** ڪرڻ وارن ڪي ڪيتريون پياريون خوشخبريون ٻڌايون آهن ۽ پاڻ صرف ڳالهيون نہ ڪيون بلڪ عمل بہ ڪري ڏيکاريو آهي جو پنهنجي پيرو مرشد جي خدمت ۽ ادب جو حق ادا ڪيو جو انهن جي حياتي ۾ انهن سان گڏ رهي ڪري انهن جي خدمت ڪندا رهيا ۽ وصال ڪان پوءِ بہ مرشد جي ادب و احترام کي پاڻ تي لازم رکيائون.

اچو پيرو مرشد جي **ادب و احترام** جو هڪ انوکو واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## مُرشدِ ڪامل جي مزار جو بہ ادب

هڪ ڀيري حضرت خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ پنهنجي مُريدن جي تربيت فرمائي رهيا هئا. پر دورانِ بيان جڏهن سندن نظر ساڄي طرف پوندي هئي تہ پاڻ (با ادب انداز ۾) اٿي بيهندا هئا، تمام مريد اهو ڏسي ڪري حيران هئا تہ پير و مرشد هر هر ڪنهن جي تعظيم لاءِ بيهن ٿا، پر ڪنهن کي سبب پڇڻ جي جرئت نہ هئي، مطلب تہ جڏهن سڀ ماڻهو اتان هليا ويا تہ هڪ منظورِ نظر مريد عرض ڪيو تہ حضور! اسان جي تربيت جي دروان ڪيترائي ڀيرا توهان قيام فرمايو ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ تہ خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ فرمايو! تہ هن طرف پير و مرشد شيخ عثمان هاروَني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جي مزار مبارڪ آهي تنهنڪري جڏهن منهنجو پير و مرشد جي مزار مبارڪ ڏانهن رخ ٿيندو هو تہ مان تعظيم جي لاءِ اٿي بيهندو هئس ۽ مان پنهنجي پير و مرشد جي روضي مبارڪ جي تعظيم خاطر قيام ڪندو هئس. (آدابِ مُرشدِ ڪامل، ص ۱۱۴بتغير)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اوهان ٻڌو تہ اسان جا خواجہ غريبِ نواز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ پنهنجي پيرو مرشد جو ڪيترو ادب ۽ ڪيتري خدمت ڪندا هئا. يقيناً پنهنجي پيرو مرشد جي خدمت سعادت جي ڳالھ آهي، اچو پيرو مرشد جي خدمت جا ڪجھ فائدا پڻ ٻڌون ٿا:

## خدمتِ مرشد جا فائدا

❖ **پيرو مرشد جي خدمت** انسان کي الله پاڪ جي ويجهو ڪندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** گناهن کان بچائيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** نيڪين تي استقامت جو سبب آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** ايمان تي خاتمي جي قوي اُميد ڏياريندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** گمراهي کان بچائيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** باطن سنواري ڇڏيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** عاجزي و انڪساري جهڙا وصف پيدا ڪندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** دنياوي مال جي محبت دل مان ڪڍي ڇڏيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** آخرت جو فڪر پيدا ڪندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** دل جو مَر ختم ڪندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** الله وارن سان محبت جو درس ڏيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** دُنيا ۽ آخرت ۾ سلامتي ۽ نجات جو سبب آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** الله وارن سان محبت جو درس ڏيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** دنيا ۽ آخرت بنهي کي سنواري ڇڏيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** بانهي کي نبي ڪريمصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سچو عاشق بڻائيندي آهي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** پُل صراط تي گذرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. ❖ **پيرو مرشد جي خدمت** دين جو درد پيدا ڪندي آهي.

**اي عاشقانِ خواجہ غريب نواز!** اسان مرشد جي خدمت جا فائدا تہ ٻڌي ورتا، اچو! هاڻي مرشد جي خدمت جي حوالي سان اسان پنهنجي بزرگ سڳورن جو انداز ٻڌون ٿا تہ ڪنهن ڪهڙي طرح پنهنجي پيرو مرشد جي خدمت ڪئي.

## قُطبُ الدّين بختيار ڪاڪي ۽ پير جي خدمت

**حضرت خواجہ قُطبُ الدّين بختيار ڪاڪي**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پيرو مُرشد حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ مان ڪيئي سالن تائين خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت اقدس ۾ حاضر رهيس.

## خواجہ شمس الدين سيالوي ۽ پير جي خدمت

شمس العارفين خواجہ شمس الدين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي پير و مرشد

سان گھڻي عقيدت ۽ محبت هئي، پاڻ سال ۾ ڪيئي ڀيرا پيدل مرشدِ ڪامل جي دربار ۾ حاضري ڏئي فيض ۽ برڪتن سان مالامال ٿي واپس موٽندا هئا. پاڻ 40 سالن تائين پنهنجي پير و مرشد حضرت **خواجہ سليمان تونسوي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آستانۂ عاليہ تونسہ شريف (پنجاب) جي طرف مسافر رهيا، جڏهن گهر واپس موٽندا هئا بيقرار ٿي ويندا هئا ۽ وري ڀيهر روانا ٿي ويندا هئا. وٽن هڪ ڪمبل هوندو هو جيڪو سياري ۾ ويڙهيندا هئا ۽ اونهاري جي موسم ۾ هيٺ وڇائيندا هئا. جڏهن حضرت خواجہ محمد سليمان تونسوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **مَهار شريف** (ضلعي بهاولنگر) تشريف کڻي ويندا هئا تہ حضرت خواجہ شمس الدين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پير و مرشد جو سامان کڻي سواري جي اڳيان اڳيان ڊڪندا هئا ۽ منزل تي پهچي پير و مرشد جي خدمت ڪندا هئا. پاڻ 14 ڀيرا پنهنجي مرشدِ ڪريم سان گڏ پيادل **مَهارشريف** جو ڏکيو سفر اختيار ڪيو. (فيضانِ شمس العارفين،ص ٢٣ ،تاريخ مشائخ چشت ،ص ٥٣٥)

## مجدد الف ثاني ۽ پيرو مرشد

**حضرت مجدّدِ اَلف ثاني** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پير و مرشد جو بيحد ادب و احترم ڪندا هئا، سندن پير صاحب بہ پاڻ کي وڏي قدر ومنزلت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ حجره شريف ۾ تخت تي آرام فرمائي رهيا هئا تہ پاڻ جا پيرو مرشد خواجہ محمد باقي بالله نقشبندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻين درويشن جيان اڪيلا اڪيلا تشريف فرما ٿيا تہ خادم حضرت مجدّدِ اَلف ثاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بيدار ڪرڻ چاهيو، پر مرشد سڳوري سختي سان منع فرمائي ڇڏيو ۽ ڪمري جي ٻاهر ئي پاڻ جي بيدار ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. ٿوري ئي دير بعد حضرت مجدّدِ اَلف ثاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اک کلي، ٻاهر آهٽ ٻڌي آواز ڏنو ڪير آهي؟ حضرت خواجہ باقي باالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: فقير، محمد باقي. پاڻ آواز ٻڌندي ئي تخت تي بيقراري وچان بيهي رهيا ۽ ٻاهر اچي نهايت عاجزي سان پير صاحب جي سامهون باادب ويهي رهيا. (تذڪرۂ مجدد الف ثاني،ص ٩)

## لعل شهباز قلندر ۽ پيرو مرشد

حضرت لعل شهباز قلندر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريبًا 12 مهينن تائين پيرومرشد جي

زيرِ سايہ سلوڪ جون منزلون طئي فرمائيندا رهيا. سندن جي پيرومرشد حضرت ابراهيم قادري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نظرِ ولايت جڏهن هن ڳالهہ جو مشاهدو ڪيو تہ هاڻي اهو مريدِ ڪامل بڻجي طريقت جون اعليٰ منزلون طئي ڪري چڪو آهي پوءِ انهن پاڻ کي خرقہءِ خلافت ۽ اجازت سان نوازيو ۽ دين جي خدمت جي لاءِ راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ جي هدايت فرمائي. ( شان قلندر و غيره، ص٢٧٠بتغير)

## بايزيد بسطامي ۽ خدمت مرشد

حضرت بايزيد بِسطامي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ مدت تائين پنهنجي پير و مرشد امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ رهيا. پاڻ کي پنهنجي پيرو مرشد امام جعفر صادق سان ايتري شديد محبت هئي جو ڪڏهن هڪ گهڙي جي لاءِ بہ بئي پاسي توجهہ نہ ڪيائون، هڪ ڏينهن امامِ جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو. بايزيد صندوق مان ڪتاب ڪڍي اچو، عرض ڪيائون، حضور: صندوق ڪٿي آهي؟ حضرت امام جعفرصادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو، توهان کي هتي رهندي ايترو عرصو گذريو آهي اجان تائين توهان کي صندوق جي خبر ناهي، عرض ڪيو، حضور! مون کي تہ اوهان جي زيارت ۽ صحبتِ با بَرَڪت ئي مان فرصت ناهي، صندوق جو خيال ڪيئن رکان. جڻ تہ پاڻ اهو چيائون تہ مون کي اوهان جي جلوئن جي خبر آهي يا اوهان جي جملن جي خبر آهي مون کي خبر نہ آهي تہ ڪتاب ڪٿي ۽ صندوق ڪٿي.

حضرت امام جعفر صادقرَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهو ٻڌي گهڻو خوش ٿيا ۽ فرمايائون جيڪڏهن توهان جو اهو حال آهي تہ بس هاڻي توهان بسطام هليا وڃو. توهان جو ڪم پورو ٿي چڪو آهي. (شانِ اَولياء ، حضرت بايز يد بسطامي رحمة الله عليه ، ص ٧٣)

بس آپ کی جانب ہی میرا دل یہ لگا ہو
اس دل میں سوا آپ کے کوئی نہ بسا ہو

## اعلي حضرت ۽ خدمتِ مرشد

سَيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي مرشِدِ ڪامل جي بي حد تعظيم و

تڪريم ڪندا هئا ۽ سندن مزار پُرانوار تي عالمانہ و صوفيانہ وعظ بہ فرمائيندا هئا. هڪ پيري سندن پير و مرشد جي سجاده نشين صاحب رڪواليءَ جي لاءِ بن ڪتن جي فرمائش ڪئي تہ پاڻ پنهنجي گهر پهتا ۽ پنهنجي شهزادن ڪي ساڻ ڪري خانقاهہ ۾ سجاده نشين جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عاجزي فرمائيندي عرض ڪيائون! تہ احمد رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهي ٻئي صاحبزاده توهان جي خدمت ۾ پيش ڪري ٿو، هي ڏينهن جي وقت توهان جو ڪم ڪار ڪندا ۽ رات جي وقت رڪوالي بہ خوب چاڙهين ٿا. (انواررضا ، امام احمد رضا ۽ تعليمات تصوف ، ص ٢٣٨)

## امامِ اعظم ۽ خدمتِ مرشد

علمِ دين جي حُصول جي باوُجود **امام اعظم** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جهڙي علم جي سمنڊ بہ علومِ طريقت، حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بابرڪت صحبت ۽ مجلسن مان حاصل ڪيا. امام اعظم نعمان بن ثابت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن فرمايو! جيڪڏهن منهنجي زندگي ۾ اهي بہ سال (جيڪي مون امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ گذاريا) نہ هجن ها تہ نعمان هلاڪ ٿي ويو هجي ها. (آدابِ مرشدڪامل،ص١٧٠)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اوهان ٻڌو تہ اسان جا بزرگ سڳورا پنهنجي پيرو مرشد جي ڪيتري خدمت ڪندا هئا، انهن تمام اڪابرِ اهلسنت جي ان عملي انداز مان اسان کي بہ اهو درس ملي ٿو تہ اسان بہ پنهنجي پيرو مرشد جي خدمت ڪريون، انهن کي راضي رکون، پنهنجي ڪنهن عمل سان انهن کي تڪليف نہ ڏيون، ياد رهي تہ! مرشدِ ڪامل جي در تي عمر گذارڻ جي باوجود ڪي ماڻهو فيض حاصل ڪرڻ کان محروم رهندا آهن، آخر ڇو؟ غور ڪرڻ تي خبر پوندي تہ اهي ماڻهو مرشِدِ ڪامل جي افعال و اقوال کي عقل جي تارازي ۾ توريندا آهن، جڏهن ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ناهي ايندي تہ مرشِد تي طرح طرح جا **اعتراض** ڪرڻ لڳندا آهن. لهٰذا ياد رکو تہ ڪامل پير و مرشِد تي اعتراض جو سبب اڪثر اوقات قلبي خباثت يعني **دل جي گندگي** جي ڪري هوندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ ظاهري سبب بہ اعتراض تي اياريندا آهن، ڪي مريد گهڻو عرصو

مرشِد جي خدمت ۾ گذاريندا آهن ۽ جڏهن ڪنهن مقام تي ناهن پهچي سگهندا تہ اهو چوندي ٻڌا ويندا آهن تہ اسان تہ مرشِد جي خدمت جو حق ادا ڪيو آهي، فيض ڏيڻ نہ ڏيڻ مرشِد جي مرضي آهي. اهي نادان ماڻهو نٿا ڄاڻن تہ مرشِد جو حق ادا ڪرڻ انهن جي وس جي ڳالھ ناهي بلڪ اهڙن وسوسن جو شڪار ٿيڻ انهن جي لاءِ پير جي فيض کان محرومي جو سبب آهي.

## ڇا پير جو حق ادا ٿي سگهي ٿو؟

**حضرت خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو تہ پير جو مُريد تي ڪيتري قدر حق آهي؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن ڪوئي مُريد سڄي عمر حج جي راھ ۾ پير کي ڪلهي تي کڻي هلي تہ بہ پِير جو حق ادا نٿو ٿي سگهي. (هشت بهشت، ص ۳۹۷)

**امام عبد الوهاب شعراني** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مريد جو شان اهو آهي تہ ڪڏهن ان جي دل ۾ اهو خيال پيدا نہ ٿئي تہ ان پنهنجي مرشِد جي احسانن جو بدلو چُڪائي ڇڏيو آهي. توڙي جو پنهنجي مرشِد جي هزار سال خدمت ڪري ۽ ان تي لکين روپيا بہ خرچ ڪري ڇوتہ جنهن مريد جي دل ۾ ايتري خدمت ۽ ايتري خرچ کان پوءِ اهو خيال اچي تہ ان مرشِد جو ڪجھ حق ادا ڪيو آهي تہ اهو راهِ طريقت مان نڪري ويندو يعني پير جي فيض سان ان جو ڪو تعلق باقي نہ رهندو. (الانوار القدسية، الجزء الثاني، ص ۲۷)

اي عاشقانِ اولياء! خبر پئي تہ پير جي خدمت ڪري ان کي ٿورو نہ ڄاڻائڻ گهرجي، ڇوتہ اسان جهڙن کي الله پاڪ جا اهي نيڪ ٻانها پنهنجي خدمت جي لاءِ قبول فرمائن اها ئي انهن جي مهرباني آهي. ڇوتہ انهن کي نہ تہ اسان جي خدمت جي ضرورت آهي ۽ نہ ئي اسان جي مال و دولت جي ڪا حاجت جيئن تہ:

**حضرت عبد العزيز دبّاغ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا تہ ڪو بہ شيخ پنهنجي مريد کان ڪنهن قسم جي ظاهري خدمت، دنيا جي مال يا ڪنهن بي فائدي جو طلب گار ناهي هوندو بلڪ ان کي پنهنجي مريد کان صرف اها اميد هوندي آهي تہ

ان جو مريد هر حالت ۾ پنهنجي شيخ کي صاحبِ ڪمال، صاحبِ توفيق، صاحبِ بصيرت، صاحبِ معرفت ۽ صاحبِ قرب سمجهي ۽ پوءِ سڄي زندگي انهيءِ عقيدي تي قائم رهي، ان صورت ۾ هر قسم جي خدمت مريد جي لاءِ مفيد ثابت ٿيندي پر جيڪڏهن اها خوش اعتقادي موجود نہ هجي يا جيڪڏهن هجي ۽ پڪي نہ هجي تہ مريد جي دل وسوسن جو شڪار رهندي ۽ ان صورت ۾ مريد ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪري سگهندو. (الابريز، الباب الخامس في ذكر التشايخ و الارادة، الجزء الثاني، ص ٧٨)

## پيرو مرشد ضروري ڇو؟؟؟

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ عملن تي استقامت سان گڏوگڏ ايمان جي حفاظت انتهائي ضروري آهي ۽ ان جو هڪ بهترين ذريعو ڪنهن **مرشدِ ڪامل** سان بيعت تي وڃڻ بہ آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا : **ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن ڪامل مرشِد وٽ مُريد ٿيڻ بہ آهي.** الله پاڪ قُرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمْ ۚ

**ترجموڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن اسان هر جماعت کي ان جي امام سان گڏ سڏ ڪنداسين. (پ 15 بني اسرائيل:71)

مُفسّرِ قرآن، مُفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ سڳوري جي حوالي سان لکن ٿا: هن مان معلوم ٿيو تہ دنيا ۾ ڪنهن نيڪ شخص کي پنهنجو امام بڻائڻ گهرجي شريعت ۾ ”تقليد“ ڪري ۽ طريقت ۾ ”بيعت“ ڪري، تہ جيئن حشر چڱن سان گڏ ٿئي. وڌيڪ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ تقليد، بيعت ۽ مريدي سڀني جو ثبوت آهي. (تفسير نور العرفان، پ١٥، بني اسرائيل، تحت الآية: ٧١، ص ٤٦١)

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ پير و مرشد جو هئڻ ڪيترو ضروري آهي، ياد رهي! تہ ڪنهن پيرِ ڪامل جي هٿ تي بيعت ٿيڻ اهو ڪو نئون طريقو نہ آهي بلڪ صدين کان هلندو پيو اچي، تمام صحابہءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مريد هئا ۽ ان کان پوءِ اچڻ وارا ولي سڳورا بہ ڪنهن نہ ڪنهن پيرِڪامل جا مريد هئا،

## ڪير ڪنھن جو مريد ؟؟؟

اچو! اُنھن ڪجھ عظيم ھستين جو ذِڪرِ خير ٻڌون ٿا، جيڪي پاڻ بہ وڏي ھستي ھئڻ جي باوجود ڪنھن نہ ڪنھن پيرِ ڪامل جا مُريد ھئا. ❖ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، سيد شاہ آلِ رسول مارَھري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ صدرالشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، خواجہ عبدالواحد بن زيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ نظام الدين اوليا محبوب الٰھي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، بابا فريدُ الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ بابا فريد الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، قطبُ الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ بھاءُ الدّين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، شھاب الدين عمر سھروردي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ داتا گنج بخش علي ھجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، خواجہ محمد بن حسن جنيدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت سَرِي سَقَطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ حضرت سَرِي سَقَطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت معروف ڪرْخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ حضرت داؤد طائي، حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ حضرت مجدّدِاَلف ثاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت خواجہ محمد باقي باالله نقشبندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ محدثِ اعظم پاڪستان محمد سردار احمد قادِري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت خواجہ شاہ سراج الحق چشتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ حضرت بابا بُلھي شاھ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت علامہ عنايت قادري شَطّاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ امام فخر الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت نجم الدين ڪبريٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ علامہ عبدالحڪيم شرف قادري صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، ابُو البرڪات سيد احمد صاحب قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا ❖ لعل شھباز قلندر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، شيخ ابواسحاق سيد ابراھيم قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ھئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! اوھان ٻڌو تہ پيري مُريدي جو اھو مقدّس سلسلو شروع کان ھلندو پيو اچي ھاڻي جو ناھي ۽ ياد رھي تہ ڪنھن کي پير ان ڪري بڻايو

ويندو آهي تہ جيئن **اُمورِ آخِرت** ۾ بهتري اچي. ان جي رهنمائي ۽ باطني توجُّہ جي بَرَڪت سان مُريدَ الله ڪريم ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ناراضي وارن ڪمن کان بچندي نيڪ ڪمن ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاري سگهن. پر اَفسوس! موجوده زماني ۾ ڪجھ ماڻهن **پيري مُريدي** جهڙي اَهم مَنصَب کي حُصُولِ دُنيا جو ذَرِيعو بڻائي رکيو آهي. بيشُمار **بدعَقيده** ۽ گمراهہ ماڻهو بہ تَصَوُّف جو ظاهري لباس پائي ماڻهن جي دِين ۽ اِيمان کي برباد ڪري رهيا آهن ۽ انهن غَلَط ماڻهن کي بُنياد بڻائي **پيري مُريدي** جا مُخالف هن پاڪيزه رِشتي کان ماڻهن کي متنفر ڪري رهيا آهن. اڄوڪي دور ۾ **ڪامل پير** ۽ **جعلي پير** ۾ فرق ڪرڻ ڏاڍو **مُشڪل** ٿي ويو آهي.

## اڄڪلھ جا جعلي پير

اڄوڪي دور ۾ **پيري مُريدي** کي هڪ عجيب رنگ ڏنو ويو آهي، اڄڪلھ شريعت جي خلاف ورزين ۾ مبتلا ڪي ماڻهو **پيري مُريدي** ۽ طريقت جي اوٽ وٺي سادڙي عوام کي بيوقوف بنائي رهيا آهن. اڄڪلھ گناهن جو کلي عام اِرتِڪاب ڪرڻ وارا ڪجھ ماڻهو طريقت جي آڙ وٺي عوام کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن، اڄڪلھ گناهن جي انبار ۾ غرق ٿيڻ وارا ڪجھ ماڻهو پنهنجي باطل خيال ۾ ولي بڻجي پنهنجو جائز ڪاروبار ڪري رهيا آهن.

ياد رکو! نمازون ڇڏڻ جو نالو **پيري مُريدي** نہ آهي. نامحرم **عورتن جي جهُرمٽ** ۾ رهڻ **پيري مريدي** نہ آهي. **اجنبي عورتن** کان زورَ ڏيارڻ **پيري مريدي** نہ آهي. منشيات جي نشي ۾ بڏي **تصوف** ۽ **طريقت جي رَٽ** لڳائڻ پيري مريدي نہ آهي. **وارن کي کلهن تائين** وڌائي انهن جي **چُوٽي بڌڻ پيري مريدي** نہ آهي. شيطاني عمليات جي نالي تي ماڻهن جا **ڪيسا خالي ڪرائڻ پيري مريدي** نہ آهي. **نچڻ ڳائڻ** ۽ **رقص** جي محفلن ۾ شرڪت جو نالو پيري مريدي نہ آهي. مطلب تہ! **شريعت** جي **خلاف ورزيون** ڪرڻ پيري مريدي نہ آهي. بلڪ شريعت جي اِتّباع جو درس ڏيڻ **پيري مريدي** آهي، دِين جي پاسداري ڪرڻ

۾ ڪرائڻ **پيري مريدي** آهي. قرآن و سنت جي تعليم تي عمل پيرا هئڻ **پيري مريدي** آهي، حُسْنِ اخلاق جو پيڪر بڻجڻ ۾ پنهنجي واسطيدارن کي بنائڻ **پيري مريدي** آهي، دِين جي سربلندي جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهڻ **پيري مريدي** آهي. گناهن کان بچڻ ۾ ٻين کي بچڻ جو ذهن ڏيڻ **پيري مريدي** آهي. سُنّت سان گڏ **مُسْتَحَبَّات** تي پابندي سان عمل ڪرڻ ۾ ڪرائڻ جو نالو **پيري مريدي** آهي. گفتگو جو خلاصو اهو آهي ته پيري مريدي دِين کان دُوري ۾ شريعت کان پاسو ڪرڻ جو نالو نه آهي بلڪ پيري مريدي **دِين تي هلڻ** ۾ **شريعت جي اتباع جو نالو آهي. اي ڪاش** جو اسان هن کي سمجهڻ وارا بڻجي وڃون.

اگر جینے کی خواہش ہے تو کچھ پہچان پیدا کر  خضر کے بھیس میں یہاں راہزن بھی پھرتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪامل پير ڪير؟

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو ته ڪنهن کي پنهنجو پير بنائڻ جي لاءِ 4 شرطن جو لحاظ انتهائي ضروري آهي. جيئن سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلِسنّت امام احمد رضاخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پير جا شرط ٻڌائيندي لکن ٿا ته ❖ صحيحُ العقيده سُنّي هجي ❖ عالِم هجي يعني ايترو علم رکندو هجي جو پنهنجي ضروريات جا مسئلا ڪتابن مان ڪڍي سگهي ❖ فاسقِ مُعلِن نه هجي يعني **اعلانيه گناهه** نه ڪندو هجي. ❖ ان جو بيعت وارو سلسلو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تائين مليل هجي. (فتاويٰ رضويه، 491/21)

**امام محمد غزالي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُرشِدِ ڪامل جي لاءِ ڪجهه شرطن ۾ وصفن جي وَضاحت ڪندي فرمائن ٿا: رسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نائب جنهن کي مرشِد ٻڌايو وڃي، ان جي لاءِ هي شَرط آهي ته اهو عالِم هجي. پر هر عالِم به مُرشِدِ ڪامل نٿو ٿي سگهي. ان ڪم جي لائق اهو ئي شخص ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ اهي ڪجهه خاص وصف موجود هجن:

❖ جيڪو دُنيا جي مَحَبَّت ۽ دُنياوي عزّت و مرتبي جي چاهت کان مُنهن موڙي چُڪو هجي. ❖ اهڙي ڪامل مرشِد کان بيعَت ڪري چڪو هجي جنهن جو سلسلو حُضُور عَلَيه السَّلام تائين پهچندو هجي. ❖ حُضُورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَحڪامن تي عمل ڪرڻ وارو هجي ❖ اهو شخص گهٽ کاڌو کائيندو هجي. ❖ گهٽ ننڊ ڪندو هجي. ❖ گهڻيون نمازون پڙهندو هجي. ❖ گهڻا روزا رکندو هجي. ❖ ان جي طَبيعت ۾ تمام چڱا اَخلاق مثال طور صَبرو شڪر، تَوَڪل و قَناعَت، اَمانت و صَداقت، اِنڪساري و فرمانبرداري ان جي سيرت ۽ ڪردار جو حصو هجن. ❖ ان شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَنوار مان اهڙو نُور ۽ روشني حاصل ڪئي هجي جنهن سان تمام بُريون خَصلتون مثال بخل و حَسَد، ڪينو ۽ ساڙ، دُنيا کان وڏيون اُميدون رکڻ، ڪاوڙ ۽ سَرڪشي وغيره ان روشني ۾ ختم ٿي وئي هجن. (مجموعة رسائل الامام الغزالي، ايها الولد ، ٢٦٣)

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي مُرشد جي پيروي ڪرڻ ئي صحيح طَريقت آهي پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا تہ اهڙا پِير ڏاڍي مُشڪل سان ملندا آهن. جيڪڏهن اها دولت ڪنهن کي نصيب ٿي جو اهڙو ڪامل مرشِد ملي ويو ۽ اهو مرشِد ان کي پنهنجي مريدن ۾ شامل بہ ڪري وٺي تہ ان مُريد جي لاءِ لازِم آهي تہ اهو پنهنجي مُرشِد جو ظاهري ۽ باطني اَدَب ڪري.

اڄ جي هن پُرفتن دور ۾ اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بيعت ڪري يا طالب ٿي ان جي مُريدن يا طالبن ۾ شامل ٿيڻ بہ تمام وڏي سعادت آهي. هي اهي عظيم هستي آهن جن فرضن ۽ واجبن جي ادائيگي سان گڏوگڏ سُنّتن ۽ مستحبات تي عمل پيرا ٿي نيڪي جي دعوت جون اهڙيون ڌومون مچايون آهن جو ان جي برڪت سان لکين مسلمانن کي گناهن کان توبہ جي توفيق ملي. جيڪي بي نمازي هئا پنج وقت جا نمازي بلڪ ڪجھ خوش نصيب ٻين کي نمازون پڙهائڻ وارا يعني امام بڻجي ويا، اميرِ اهلسنّت جهڙي بزرگ هستي جو فيضان صرف مسلمانن

تائين محدود ناهي رهيو بلڪ اسلام جي سوجهري ڪان پري اونداهين ۾ ڀٽڪڻ وارن ڪوڙ غير مسلمن کي نُورِ اسلام نصيب ٿيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پيرِ ڪامل جي باري ۾ ٻڌو تہ پيرِ ڪامل ڪير هوندو آهي؟ ان جا وصف ڪهڙا آهن، اچو! هاڻي اسان بيعت ۽ بيعت جي مقصد جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

## بيعت جي تعريف ۽ ان جو مقصد

ڪنهن پيرِ ڪامل جي هٿن ۾ هٿ ڏئي ڪري اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪرڻ، آئنده گناهن کان بچندي نيڪ عملن جو اِرادو ڪرڻ ۽ ان کي الله پاڪ جي مَعرِفَت جو ذريعو بنائڻ جو نالو بيعت آهي. (پیری مریدی کی شرعی حیثیت، ص3) مريد ٿيڻ جو اصل مقصد اهو آهي تہ انسان مُرشِدِ ڪامل جي رهنمائي ۽ باطني توجه جي برڪت سان سڌي واٽ تي هلي پنهنجي زندگي **شريعت ۽ سنّت جي مطابق** گذاري سگهي.

## ڪامل مريد ڪير؟

پيارا اسلامي ڀائرو! پير و مُرشِد کان فيض حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ آداب آهن، جن جو خيال رکڻ مريد جي لاءِ بيحد ضروري آهي، ان باري ۾ ڪجھ وصف ٻڌون ٿا تہ جيڪي مريدِ ڪامل بنجڻ جي لاءِ لازمي آهن: ❖ هميشہ پير و مُرشِد جو باادب رهي چوتہ باادب ئي بانصيب هوندو آهي ۽ بي ادبي ڪرڻ وارو شخص ڪڏهن فيض نٿو ماڻي سگهي. حضرت ذُوالنُّون مِصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪو مُريد اَدَب جو خيال ناهي رکندو تہ اهو واپس اوڏانهن هليو ويندو آهي جتي ڦهريان هو. (الرسالة القشيرية، باب الادب، ص 319) ❖ مُرشِدِ ڪامل جو فيض ماڻڻ جي لاءِ ان جي محبت کي دل و جان سان سيني ۾ سانڍڻ ضروري آهي. ❖ مريد پنهنجي مُرشِد جي هٿ ۾ ”مُرده بدست زنده“ (يعني زنده جي هٿن ۾ مُرده جيان) ٿي رهي. (فتاويٰ رضويه، 369/24، ملخصاً) ❖ مُرشِدِ ڪامل جو فيض ماڻڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ ڪڏهن بہ پاڻ کي علم و عمل ۾ مُرشِد کان فائق (اعليٰ) نہ سمجهي، توڙي جو

زماني جي وڏي عالمن ۾ شمار ڪيو ويندو هجي، ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ۾ آهي: ونڻ واري کي گهرجي تہ جڏهن ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪري تہ توڙي جو ڪمالات سان پريل هجي، پنهنجي تمام ڪمالات کي دروازي ئي تي ڇڏي ڏئي ۽ اهو سمجهي تہ مان ڪجھ ڄاڻان ئي نٿو. خالي ٿي ايندو تہ ڪجھ ماڻيندو (ان ڪري جو) پريل ٿانوء ۾ ڪا بي شيءِ ناهي وجهي سگهبي. (ملفوظات اعليٰ حضرت، ص142) ❖ مُرشِد جي رِضا ۾ الله جي رِضا، مُرشِد جي ناراضي ۾ الله جي ناراضي سمجهي. (فتاويٰ رضويه،369/24، ملخصاً) ❖ پنهنجي پير تي ڪڏهن اعتراض نہ ڪري. ❖ پنهنجي مُرشِد ۽ پير ڀائرن سان مَحبّت ڪري. ❖ پير و مُرشِد جي خلاف نہ پاڻ ڳالهائي ۽ نہ ئي ڪنهن جي ڳالھ ٻڌي، حضرت سيدنا امام عبدالوهاب شعراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مُريد کي گهرجي تہ پنهنجي مُرشِد جي گفتگو کان عِلاوه ٻين تمام ماڻهن جي گفتگو ٻڌڻ کان پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏي ۽ مريد ڪنهن بہ مَلامَت ڪرڻ واري جي مَلامَت کي نہ ٻڌي ايستائين جو جيڪڏهن تمام شهر وارا ماڻهو ڪنهن ميدان ۾ گڏ ٿي ان کي پنهنجي مُرشِد کان نفرت ڏيارين (۽ هٽائڻ چاهين) تہ اهي ماڻهو ان ڳالھ تي قادر ٿي نہ سگهن. (انوارِ قدسيه،جزء ثاني، ص3، ڪامل مريد،ص30) ❖ پنهنجي پير کي پنهنجي حق ۾ زماني جي تمام ولين کان بهتر سمجهي. ❖ يڪ دَر گير مُحڪم گير (يعني هڪ دروازو پڪڙ، مضبوطي سان پڪڙ) تي عمل ڪندي پنهنجي پير جو دامن مضبوطي سان پڪڙي رکي، فتاويٰ رضويہ ۾ آهي: ٻئي کي جيڪڏهن آسمان تي اُڏامندو ڏسي تڏهن بہ پنهنجي مُرشِد جي سِوا ٻئي جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ کي سخت باھ سمجهي، (فتاويٰ رضويه، 369/24 ملخصاً) جيڪڏهن مُريد انهن اصولن جي مطابق زندگي گذاريندو تہ هر وَقت الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مشائخ ڪرام رَحِمَهُمُ الله جي مدد زندگي ۾، نَزع ۾، قَبر ۾، حَشر ۾، مِيزان تي، صِراط تي، حوضِ ڪوثر تي هر هنڌ ان سان گڏ رهندي اِنۡ شَآءَالله.

اچو! هاڻي ڪجھ وَلي الله جي باري ۾ ٻڌون ٿا تہ ولي ڪير هوندو آهي؟ ان جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟ ڇا اسان هر هڪ کي الله جو ولي سمجهون،

جيڪو بي پرده ۽ غيرمحرم عورتن کي گڏ ويهاري انهن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي بيعت ڪري رهيو هجي، ڇا اهو بہ الله جو ولي چورائيندو؟؟ اچو پهريان ولي جي تعريف پڙهون ٿا:

## ولي الله جي تعريف ۽ سڃاڻپ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ولي اللّٰہ اهو آهي جيڪو **فرائض** سان **قُربِ اِلٰهي** حاصل ڪري ۽ **اِطاعتِ اِلٰهي ۾ مشغول** رهي ۽ ان جي دِل نورِ جلالِ اِلٰهي جي معرفت ۾ ٻڏل هجي. جڏهن ڏسي تہ قُدرتِ اِلٰهي جا دلائل ڏسي ۽ جڏهن ٻڌي تہ الله پاڪ جون آيتون ئي ٻڌي ۽ جڏهن ڳالهائي تہ پنهنجي ربّ ڪريم جي ساراهہ ڪندي ڳالهائي ۽ جڏهن ڪو ڪم ڪري تہ اطاعتِ اِلٰهي ۾ ڪري ۽ جڏهن ڪوشش ڪري انهيءَ اَمر ۾ ڪوشش ڪري جيڪو قُربِ اِلٰهي جو ذريعو هجي، الله پاڪ جي ذِڪر سان نہ ٿڪجي ۽ دل جي آئيني سان خُدا ڪان سِوا غير کي نہ ڏسي، اها صفت اَولياء جي آهي. ٻانهو جڏهن هن حال تي پهچندو آهي تہ الله پاڪ ان جو ولي ۽ ناصِر ۽ مُعين و مددگار ٿيندو آهي. (تفسيرِخازن،پ١١،يونس ،تحت الآية٦٢ ،٣٢٢/٢)

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ولي هئڻ جي لاءِ تشهير و اِشتهار، سهڻو جُبّو ۽ دستار ۽ عقيدتمندن جي ڊگهي قطار هئڻ ضَروري ناهي جنهن سان ان جي وِلايت جي معرفت ۽ شهرت ٿئي بلڪ عام ٻانهن ۾ بہ ولي الله هوندا آهن، تنهنڪري اسان کي هر نيڪ ٻانهي جو ادب واحترام ڪرڻ گهرجي ڇوتہ خبر ناهي ڪير گودڙي جو لعل (يعني لڪيل ولي) هجي، ها ان جون ڪي نشانيون آهن:

## اولياء الله جون نشانيون

**قرآن وحديث** ۾ انهن اولياءِ ڪرام جون مختلف نشانيون بيان ٿيون آهن، جن مان هڪ اها بہ آهي تہ اَولياءُ الله اهي آهن جن کي ڏسڻ سان الله پاڪ ياد اچي وڃي، اهڙي طرح اَولياءُ الله اهي آهن جيڪي ايمان و تقويٰ ٻنهي جا جامع هجن. يقيناً ايمان ۽ تقويٰ بہ اهڙيون صفتون آهن جيڪي هر ولِي الله جي لاءِ شرط جي حيثيت رکن ٿيون، تنهنڪري ڪو بہ بي دِين يا فاسق ۽ فاجر شخص

وَلِيُ الله نتو ٿي سگهي. اسان جي معاشري ۾ ڪيئي اهڙا نالي جا پير به موجود آهن، جيڪي عورتن جو هٿ پنهنجي هٿ تي رکي بيعت ڪرائيندا آهن ۽ پنهنجو مريد ڪندا آهن ۽ ماڻهو انهن کي الله جو ولي سمجهي رهيا هوندا آهن، جڏهن ته اها ولايت ناهي، بلڪ **جهالت آهي**، اچو عورتن سان بيعت وٺڻ جي ڪيفيت ۽ ان جو شرعي حڪم ٻڌون ٿا:

## عورتن کان بيعت جي ڪيفيت

تفسير **صراطُ الجنان ۾ آهي** ته عورتن کان ورتي ويندڙ بيعت ۾ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن سان مصافحو نه فرمايو ۽ عورتن کي پنهنجو دستِ مبارڪ ڇهڻ نه ڏنو. حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: الله جو قسم! بيعت ڪرڻ وقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هٿ ڪنهن عورت جي هٿ کي نه لڳو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي صرف پنهنجي ڪلام سان بيعت ڪندا هئا. (صحيح بخاري، كتاب التفسير، سورة الممتحنة، باب اذا جاء كم المؤمنات مهاجرات، ۳/۳۵۰، الحديث: ۴۸۹۱) بيعت جي ڪيفيت ۾ اهو به بيان ڪيو ويو آهي ته پاڻي جي هڪ وڏي ٿانوء ۾ سيدالمرسَلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو دستِ مبارڪ وڌو، پوءِ انهيءِ ۾ عورتن پنهنجا هٿ وڌا ۽ اهو به چيو ويو آهي بيعت ڪپڙي جي واسطي سان ورتي وئي هئي ۽ اها ڳالهه به ٿي سگهي ٿي ته ٻئي صورتون عمل ۾ آيون هجن. (تفسير صراط الجنان ،پ۲۸،الممتحنة:۱۰،۱۲/۱۱۹)

## عورتن سان بيعت وٺڻ جو شرعي حڪم

صدرُالشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اجنبي عورتن کي ڏسڻ ۽ هٿ ملائڻ جي باري ۾ احڪام ذڪر ڪندي نقل فرمائن ٿا ته: اَجنبيه عورت جي چهري ۽ تري کي ڏسڻ توڙي جو جائز آهي پر ڇُهڻ جائز ناهي، توڙي جو شهوت جو انديشو نه هجي ڇوته نظر جي جواز جو سبب ضرورت ۽ فسادِ عام آهي ڇُهڻ جي ضرورت ناهي، لهٰذا ڇُهڻ حَرام آهي. هن مان معلوم ٿيو ته انهن سان مُصَافَحو جائز ناهي، ان ڪري حُضُورِاقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيعت وٺڻ مهل به عورتن سان مُصَافَحو نه ڪندا هئا

صرف زبان سان بيعت وٺندا هئا. (بهارِشريعت، حصه: ۱۶، ۳/۴۴۶)اي ڪاش! ته اسان به شريعت جي مطابق سمورا ڪم ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دِين سکڻ ۽ دِيني تعليمات تي عمل جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو. **مدني قافلن جا** مسافر بڻجو، **مدني انعامات** تي عمل ڪريو. **هفتيوار اجتماع** ۽ **مدني مذاڪري** ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت جي ڀرپور ڪوشش ڪريو. الله پاڪ چاهيو ته علمِ **دِين** حاصل ٿيڻ سان گڏوگڏ **عمل** ۾ به **اضافو** ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جي خوش قسمتي جو 27 رَجبُ الْمُرَجَّب جي ڀلاري رات **شبِ معراج** جي آمد آمد آهي. دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري **اجتماعِ معراج** ۾ به شرڪت جي نيت ڪريو ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو. پنهنجي دعوتِ اسلامي جي لاءِ خوب خوب چندو به گڏ ڪريو ۽ ٻين کي به ان جو ذهن ڏيو. الله ڪري ته اسان دِين ۽ آخرت جي بهتري جا ڪم ڪندي ڪندي **رمضان** جي مهيني کي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اچو! گڏجي دُعا به گهرون ٿا: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَ بَلِّغْنَا رَمَضَان: اي الله! تُون اسان جي لاءِ **رجب** ۽ **شعبان** ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي **رمضان تائين پهچاءِ**. (المعجم الاوسط للطبراني ج3ص85 حديث :3939)

جيڪڏهن ٿي سگهي ته **سجي رمضان** جو اعتڪاف عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي ۾ ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه **گفتار** و **ڪردار** جي تبديلي اوهان پاڻ محسوس ڪندؤ. اهو نه ٿي سگهي ته دعوتِ اسلامي جي تحت رمضان جي **آخري عشري** جو سنت اعتڪاف ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو ۽ هاڻي کان ان جي تياري شروع ڪري ڇڏيو.

اللّٰه پاڪ اسان سان راضي ٿي وڃي ۽ اسان جون سنيون سنيون نيتون پنهنجي پاڪ بارگاهہ ۾ قبول فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد